اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شراب جون تباهه ڪاريون

◉ شراب نجس (ناپاڪ) ۽ شيطاني ڪم آهي، ان کان بچڻ ڀلائي ۽ ڪاميابي جي نشاني آهي. (المائدة 90، ملخصاً) ◉ شراب پاڻ ۾ بغض ۽ دشمني پيدا ڪندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان روڪي ٿو. (المائدة 91، ملخصاً) **5 فرمانِ مصطفيٰ ﷺ** (1) هر نشو ڏياريندڙ شيءِ شراب آهي ۽ هر شراب حرام آهي. (مسلم ص 1109، الحديث 2003) (2) الله عَزَّوَجَلَّ شراب تي، ان جي نچوڙڻ واري ۽ جنهن لاءِ نچوڙيو وڃي ان تي، پيئڻ ۽ پيارڻ واري تي، کڻي اچڻ واري ۽ جنهن لاءِ آندو وڃي ان تي، وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ واري تي ۽ ان جي قيمت يعني ڪمائي کائڻ واري سڀني ماڻهن تي لعنت فرمائي آهي. (المستدرڪ، 199/5، الحديث: 7310) (3) شراب کي پت تي کڻي اچلايو ڇو ته هي ان شخص جو شربت آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نه ٿو رکي. (حلية الاولياء، 159/6، الحديث: 8148) (4) شرابي جڏهن شراب پيئي ٿو ته انهيءَ وقت اهو مؤمن ناهي هوندو. (مسلم ص 48، الحديث: 57) (5) شراب سڀ کان وڏو گناهه ۽ سڀني برائين جي جڙ آهي شراب پيئڻ وارو نماز ڇڏي ڏئي ٿو ۽ (ڪڏهن ڪڏهن) پنهنجي ماءُ، ماسي ۽ ايتري تائين جو پڦي سان به بدڪاري جو مرتڪب ٿي ويندو آهي. (مجمع الزوائد، 104/5، الحديث: 8174، مفهوماً) **شراب جا 21 نقصان** شراب جي ڪري انسان جو اخلاق ته تباهه ٿيندوئي آهي ان سان گڏ معاشري تي به ان جا گهرا اثر پوندا آهن ◉ شراب جي ڪري ڏوهن جي شرح حد کان وڌي وڃي ٿي، ◉ شرابيءَ کي پنهنجي ۽ پرائي جي تميز نه ٿي رهي ◉ شرابي والدين جا ٻارن تي منفي اثرات پوندا آهن ◉ شراب ماڻهو جي عقل ۾ فتور وجهي ٿو شراب مال کي ضائع ۽ برباد ڪري ٿو ۽ تنگدستي جو سبب بڻجي ٿو شراب کائڻ جي ذائقي ۽ صحيح ڳالهائڻ کان محروم ڪري ٿو ◉ شراب هر برائي جي چاٻي آهي ۽ شرابيءَ کي ڪيترن ئي گناهن ۾ مبتلا ڪري ٿو ◉ هي شرابيءَ کي بدڪارن جي محفل ۾ وٺي وڃي ٿو پنهنجي بدبو سان اُن جي ڪاتب فرشتن کي ايذاءُ ڏئي ٿو ◉ هي شرابيءَ تي آسمان جا دروازا بند ڪري ٿو 40 ڏينهن تائين نه ان جو ڪو عمل مٿي پهچي ٿو نه ئي دعا ◉ هي شرابيءَ جي جان ۽ ايمان کي خطري ۾ وجهي ڇڏي ٿو ۽ ان جي لاءِ مرڻ وقت ايمان کسجڻ جو خدشو رهندو آهي ◉ شروع ۾ انسان جو جسم شراب جي نقصانن جو مقابلو ڪري وٺي ٿو ۽ شرابيءَ کي خوشگوار ڪيفيت ملي وڃي ٿي پر جلدئي داخلي (يعني جسم جي اندروني) قوت برداشت ختم ٿي ويندي آهي ۽ مستقل نقصان وارا اثرات پوڻ لڳندا آهن. مثلاً ◉ شراب جو سڀ کان وڌيڪ اثر جگر (جيري) تي پوي ٿو ۽ اُهو سُڪڙجڻ لڳي ٿو گُردن تي به اضافي بوجهه پوي ٿو جيڪي ٿڪجي ناڪاره ٿي ويندا آهن ◉ ڪثرت سان شراب پيئڻ دماغ کي مُتَوَرِّم (يعني سوڄ ۾ مبتلا) ڪري ٿو ◉ اعصابن ۾ سوڄ ٿي وڃي ٿي نتيجي ۾ اعصاب ڪمزور ۽ تباهه ٿي وڃن ٿا ◉ معدي ۾ سوڄ ٿي وڃي ٿي ◉ هڏيون نرم ۽ خسته (يعني تمام گهٽيون ڪمزور) ٿي وينديون آهن ◉ شراب جسم ۾ موجود وٽامنز جي ذخيري کي تباهه ڪري ٿو وٽامن B ۽ C ان جي تباهي جو بالخصوص نشانو بڻجن ٿا ◉ شراب سان گڏ سگريٽ پيتو وڃي ته ان جا نقصان ڪيترائي دفعا وڌي وڃن ٿا ۽ هائي بلڊ پريشر، اسٽروڪ ۽ هارٽ اٽيڪ جو شديد خطرو رهي ٿو ◉ ڪثرت سان شراب پيئڻ ٿڪاوٽ، مٿي جو سور، الٽي ۽ شديد اُڃ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو ◉ ڪڏهن ڪڏهن گهڻو شراب پيئڻ سان دل جي حرڪت ۽ عملِ تنفس (ساهه) رڪجي وڃي ٿو جنهن سان فوري موت ٿي سگهي ٿو. **شرابيءَ جي دنيا ۾ سزا** شراب پيئڻ، شرابيءَ تي 80 ڪوڙا واجب ڪري ٿو جيڪڏهن دنيا ۾ هو انهيءَ سزا کان بچي ويو ته آخرت ۾ مخلوق جي سامهون اُن کي ڪوڙا هنيا ويندا **شرابيءَ جي قبر ۾ سزا** قبر ۾ شرابيءَ جو چهرو قبلي کان ڦري ويندو آهي. (الڪبائر، شرب الخمر، ص 96) اُن تي به نانگ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي اُنَ جو گوشت پٽي پٽي کائيندا رهن ٿا. (شرح الصدور ص 172) **شرابيءَ جي آخرت ۾ سزا** شرابيءَ قيامت جي ڏينهن اِنهيءَ حال ۾ ايندو جو اُنَ جو چهرو ڪارو هوندو زبان سيني تائين لٽڪي رهي هوندي، ٿُڪ وهي رهي هوندي ۽ هر ڏسڻ وارو اُنَ کان نفرت ڪندو. (الڪامل في ضعفاء الرجال، 502/2) ◉ باهه جي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو اُڃ لڳڻ تي ڪڏهن بدبو دار ڀڳهر ته ڪڏهن ٽهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو کائڻ لاءِ ڪنڊيدار وڻ هوندا. پيرن ۾ باهه جون جُتيون پائڻ جي سبب دماغ ٽهڪڻ لڳندو ايستائين جو نڪ ۽ ڪن جي رستي وهي ويندو ◉ شرابيءَ جهنّم ۾ فرعون ۽ هامان جو پاڙيسري هوندو. (نيڪيوں کی جزائيں اور گناہوں کی سزائيں، ص 22 تا 31، ملخصاً) (وڌيڪ معلومات لاءِ: شراب جي مذمت تي سنڌي ترجمو ڪتاب برائين جي ماءُ پڙهو)

**شراب ۽ ٻين گناهن کان بچڻ ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو**

**ڏسندا رهو مدني چينل**